ماهوار
# تحريڪ
حيدرآباد سنڌ
(وطن دوست انقلابي راهه روشن ڪندڙ مشعل)

## پيٽي ڪي ڦاسي ڏني ويئي ته سنڌ لاءِ "پاڪستان" اجنبي بڻجي سگهي ٿو.

رسول بخش پليجو

(انٽرويو اندرين صفحن ۾ پڙهندا)



سرويچ سنڌي

# زندگي

زندگي ڇا آهي؟ ....
زندگي!
رڳو پاڻ لاءِ جيئڻ
پنهنجي اهل عيال جو پيٽ پرڻ لاءِ جيئڻ
کوکلي شهرت ماڻڻ لاءِ جيئڻ
معمولي رعايتون ماڻڻ لاءِ جيئڻ
جو نالو آهي ڇا؟
نه
هرگز نه
زندگي تمام گهڻي حسين آهي
ان کي
اڃا به وڌيڪ سهڻو ڪرڻ لاءِ
ضروري آهي ته
پين ڪاڻ جيئو
اوهان کي جيئڻ جي تمنا آهي ته
هن جڳ جي
مظلوم
مجبور
۽ محڪوم
ماڻهن ڪاڻ جيئو
پر جيڪڏهن
مرڻ چاهيو ته
اهڙي طرح مرو
جو اونداهين سان وڙهندي مرو!!

ناگپال

# پونگيءَ جو لال

اصل ۾ ويهن سالن جو
لڳو ٿي نون سالن جو نينگر
ڪارائيل انگ
سڪل هڏائون جسم
جهڙو 'اسڪيليٽن'
ٽڪين لاءِ ٽڪيندي
سُئين لاءِ سڪندي
اڻ پوري خوراڪ، گندگي ۾ سخت پورهيو ڪندي
طبقاتي گهاڻي ۾ پيڙهجي
ٽي بيءَ ۾ مري ويو—
هڪ پونگيءَ جو لال، اڪيلو ڏيئو
اجهامي ويو
اڪيلي ماءَ جي آس اميد، مستقبل جي موڙي
پڙپينگ ٿي وئي
۽ نه ڄاڻ الاجي ڪيترا
اهڙا جيءَ
روز رستن تي مرندا هوندا محنت ڪندي
۽ مرندا رهندا، ڪنجي وڏجي لنگهڻ ڪڍي
آخر ڪيسين؟
جيسين تو مون ناهي سهي ڪيو
هن هيرڦير کي، ناهي سمجهيو، ڄاتو سڃاتو
سوچيو لوچيو!

●

# سنڌي هاري ڪميٽي جو خبرنامو

## جناب ڀٽي کي موت جي سزا نه ڏني وڃي

سڄي سنڌ مان سنڌي هاري ڪميٽي جي مرڪزي، ضلعي، تعلقي ۽ شاخن جي عهديدارن ۽ ميمبرن طرفان چيف مارشلا ائڊمنسٽريٽر جنرل ضياءُالحق ۽ مارشلا اختياري وارن کي تارون ڪيون ويون آهن جن ۾ اپيل ڪئي ويئي آهي ته جناب ذوالفقارعلي ڀٽي جي موت جي سزا تي عملدرآمد نه ڪيو وڃي. ساڳئي سلسلي ۾ سنڌي هاري ڪميٽي جي سڀني تنظيمي سطحن تان پريس بيان پڻ جاري ڪيا ويا آهن جن ۾ چيو ويو آهي ته ملڪ جي نازڪ سياسي صورتحال، عوام جي اڪثريت جي خواهش ۽ غيرملڪي اڳواڻن جي اپيلن ۽ ملڪ جي گذريل قانوني ۽ سياسي تاريخ کي نظر ۾ رکندي جناب ذوالفقارعلي ڀٽي لاءِ سپريم ڪورٽ جي ججن جي غيرمتفقه طور ڪيل فيصلي تي عملدرآمد نه ڪيو وڃي.

پريس پڌراين ۾ اهو پڻ چيو ويو آهي ته هن ملڪ جي قانوني تاريخ ۾ جيڪڏهن مولانا مودودي جهڙي ماڻهو جي جان بخشي ٿي سگهي ٿي ته پوءِ هڪ اهڙي شخص جي جان بخشي ڇو نٿي ٿي سگهي جيڪو هن ملڪ جي تاريخ جي ٽيهن سالن مان ڏهن سالن کان به وڌيڪ عرصي تائين حڪومت جي اعليٰ ترين عهدن تي فائز رهيو هجي. نه رڳو ايترو پر هو ڏهن سالن کان وٺي ملڪ جي سياسي تاريخ تي ڇانيل رهيو آهي ۽ اڄ به ملڪ جي وڏي ۾ وڏي ۽ مقبول عام سياسي پارٽي جو چيئرمين آهي.

## مرڪزي تنظيمي ڪميٽيءَ جي دستوري گڏجاڻي

٧- فيبروري تي سنڌي هاري ڪميٽي جي مرڪزي تنظيمي ڪميٽي جي گڏجاڻي مرڪزي ميمبر ۽ سنڌي هاري ڪميٽي تعلقي مجاول جي ڪنوينر علي محمد سوڍي جي صدارت هيٺ ٿي. جنهن ۾ تنظيم جي ميمبر-سازي، وڌائڻ ۽ تنظيم کي وڌيڪ سرگرم ۽ اثرائتي بنائڻ تي غور ڪيو ويو. ان کان سواءِ ڪيترائي ٺهراءُ پڻ بحال ڪيا ويا جن مان ڪي هي آهن:

١- سنڌي هاري ڪميٽي پاڪستان عوامي تحريڪ جي رهنما ۽ سنڌي عوامي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري رسول بخش پليجي جي مارشلا قانون هيٺ گرفتاري جي پرزور مذمت ڪندي مطالبو ڪري ٿي ته محترم پليجي سميت سمورن گرفتار سياسي اڳواڻن، ڪارڪنن، هارين، مزورن ۽ شاگردن کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي ۽ وڌيڪ گرفتارين جو سلسلو بند ڪيو وڃي.

٢- ملڪ مان مارشلا ختم ڪري جلد

Reg: No. 2999 | Monthly **TAHREEK** | VOL: 5 No. 5-6
Hyderabad. 80-B Latifabad-4

- ملڪ جي موجوده سياسي انتشار، بيچيني ۽ غير يقيني صورتحال ڪري وڏيڪ خراب ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪيس جي فيصلي تي عملدرآمد جو ڪم ايندڙ چونڊيل حڪومت جي ذمي ڇڏيو وڃي.

- سياسي آزاديون بحال ڪيون وڃن ۽ موجوده غير مستقل ۽ غير نمائنده حڪومت طرفان ڪنيل سمورا غير آئيني قدم رد ڪيا وڃن.

- نامنهاد احتساب جو عمل ختم ڪيو وڃي.

- سنڌ جي قدرتي وسيلن تي سنڌي عوام جو حق بحال ڪيو وڃي، کين پنهنجي زبان، تهذيب ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ مڪمل سياسي آزاديون ڏنيون وڃن. سنڌ جي صنعتي ۽ سرڪاري ادارن ۾ سنڌي عوام جي حقن جو تحفظ ڪيو وڃي ۽ سنڌ کي ١٩٤٥ع جي معاهدي موجب زرعي ضرورتن لاءِ پاڻي فراهم ڪيو وڃي.

- پاڪستان عوامي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري رسول بخش پليجي، سندس اهليه زرينه بلوچ، پاڪستان پروگريسو اسٽوڊنٽس الائينز سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري اسلم پرويز، جام ساقي ۽ علي حيدر شاه سميت گرفتار سياسي، مزور، هاري ۽ شاگرد ڪارڪنن کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي.

- پريس ۽ پبليڪيشن آرڊيننس رد ڪيو وڃي.

**پاڪستان عوامي تحريڪ** (اشتهار)